مقالو:

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ موجود درس

ليکڪ: ڊاڪٽر انيس فاطمه سومرو | ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: احمد سومرو

وائيس آف سنڌ اي بُڪ پبلشر
editor@voiceofsindh.net
www.voiceofsindh.net

شاھ عبداللطيف ڀٽائي صرف شاعر يا صرف مفڪر نہ پر ھڪ استاد، ھادي ۽ رھبر پڻ آھي. انھيءَ ڳالھہ کي ثابت ڪرڻ لاءِ سندس ڪلام ۾ موجود اھڙن قدرن جو ذڪر ضروري آھي، جيڪي ھن پنھنجن ماڻھن جي لاءِ پيش ڪيا. اچو تہ انھن تي ھڪ مٿاڇري نظر وجھون.

## (الف) اسلامي قدرن بابت تعليم

شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جو سمورو ڪلام اسلامي قدرن جو بھترين درس ڏئي ٿو. اسلام دينِ فطرت آھي تنھن ڪري ھي ھڪ اھڙو نظامِ حيات پيش ڪري ٿو، جيڪو فقط انسانن جي فڪر ۽ ڪوشش جو دعويدار نہ آھي، بلڪ خدا جي ٻڌايل طريقي مطابق ۽ رسول پاڪﷺ جي ھدايت ۽ سندس عملي ثبوتن جو ثمر آھي ۽ الله تعاليٰ ھن دينِ فطرت تي ئي انسان کي پيدا ڪيو آھي.

لفظ ”قدر“ جي معنيٰ لغتن ۾ وڏائي، بزرگي، عزت، توقير، انداز وغيره آھي.

قدر (Value) دراصل شين کي معنيٰ دار بنائي ٿو. اسان جا اسلامي قدر دائمي ۽ مجيل حقيقتون آھن، انھن قدرن کي اسين پنھنجي عبادت، بندگي ۽ ڪوشش وسيلي قائم و دائم رکندا آھيون.

Value is any thing estimable and excellent worth and useful. Islamic values are true and worthy principles for action – they are real because they are Islamic, they are valid because they conform to the laws of Shariat. Briefly they are rules of conduct and principles of behavior. (1)

قدر ملھائتا اعليٰ ۽ قابل استعمال ھوندا آھن. اسلامي قدر سچا، باجواز، يقيني ۽ شريعت جي قانون جي عين مطابق ھجن ٿا. اھي قدر انسانن جي زندگين جا رھنما اصول پڻ آھن، چاڪاڻ تہ اسلام دراصل صحيح عقيدن، فڪرن، ڪريمانہ اخلاق ۽ حسنہ عملن جي ڪمال جي مجموعي جو نالو آھي. اھو ئي سبب آھي جو جڏھن انسان خدا ۽ ان جي رسولﷺ تي ڪامل يقين رکي ٿو تڏھن ھن جي لاءِ اھو ضروري ٿي وڃي ٿو تہ اسلامي عقيدن مطابق پنھنجي اندر ڪريمانہ اخلاق بہ رکي.

ڊاڪٽر خليفہ عبدالحڪيم جي مطابق:

”خدا تي ايمان حقيقت ۾ نظام اخلاق ۽ اخلاقي قدرن جي واقعيت تي ايمان آڻڻ آھي.“

(2)

اسلام جو چوڻ آهي تہ انسان جو روح، روح خداوندي آهي. هن جي تخليق انهيءَ لاءِ ٿي تہ هو خدائي صفتن کي زياده کان زياده پنهنجي دامن ۾ پيدا ڪري. طاقت، حسن، محبت، امن ۽ خوشحالي حقيقي قدر آهن.“(3)

ڪيترائي قدر اسلام جي رهنما اصولن سان تعلق رکن ٿا. اسلامي قدر حقيقت تي مبني هوندا آهن، جڏهن تہ عام دنياوي قدر حقيقت کان بي خبر هجن ٿا. انهن جو تعلق فقط انساني نشونما جي مختلف ڏاڪن ۽ انهن جي ترقيءَ تي منحصر هجي ٿو:

اخلاق (خلق جو جمع)

1) پسنديده عادتون ـــــ چڱيون خصلتون
2) خوش خوئي ـــــــــ چڱو ورتاءُ، ملنساري، ڪشاده پيشاني- آدرڀاءُ
3) (فلسفو) اهو علم جنهن ۾ تهذيب نفس ۽ سياست جي حوالي سان بحث ڪيو وڃي ٿو. علم الاخلاق، اخلاقيات، اخلاق حسنہ، عمده عادتون. (4)

اردو انسائيڪلوپيڊيا ۾ اخلاق بابت تحرير آهي تہ:

”اخلاق خلق جي جمع آهي. چڱيون يا بڇڙيون عادتون جيڪي اسان جي روزاني زندگي ۾ سمائجي وڃن ٿيون، سنا يا خراب اخلاق چورائڻ ۾ اچن ٿا. سنا اخلاق پسند ڪيا وڃن ٿا ۽ خراب ناپسند، انهي لاءِ دنيا جي هر مڪتب فڪر ۾ سٺن اخلاقن کي پسند ڪيو وڃي ٿو ۽ خراب کي ناپسند! عمده اخلاق مذهب ۽ عقل ٻنهي جي نظر ۾ پسنديده آهن.“ (5)

اهي اخلاق (Morals) ۽ قدر (Value) ڪو اهڙو عطيو نہ آهن، جيڪي اتفاقاً يا پاڻ مرادو عطا ٿيل هجن، بلڪ اهي قدرت، انهي جي قانون جا تابع ۽ رسول پاڪﷺ جي هدايت جا سرچشما آهن. رسول پاڪﷺ جو ارشاد آهي تہ:

ترجمو: مان انهيءَ ڪري موڪليو ويو آهيان تہ اخلاق حسنہ جي تڪميل ڪريان.“ (6)

اسلامي معاشري جو مرڪز رسول خداﷺجي شخصيت آهي. حضور اڪرمﷺ جن جو پيڪر ۽ مجسم هئا. انهيءَ لاءِ پاڻﷺ کي سڄي انسانيت لاءِ اسوه حسنہ بڻايو ويو آهي. هي اهو معيار آهي جنهن جي مطابق سمورن انسانن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ سمائڻو آهي.“ (7)

اسلام هڪ مفصل تربيتي نظام بہ فراهم ڪري ٿو جيڪو انهن صفتن کي پيدا ڪري ٿو ۽ پروان چاڙهي ٿو جيڪي پسنديده ۽ مطلوب آهن ۽ انهن براين کان انسان کي بچائي ٿو ۽ پاڪ ڪري ٿو جيڪي اسلام جي نگاهہ ۾ منع ٿيل آهن.“ (8)

اسلام جي نظام حيات جي مطابق زندگي گهارڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسين صراط مستقيم وٺي، انهن دائمي اسلامي قدرن کي اختيار ڪريون.

سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام هڪ اٿاهہ سمنڊ آهي، جنهن ۾ نصيحت ۽ سبق آموز ڪيترائي نڪتا سمايل آهن. هن پنهنجي ڪلام وسيلي سنڌ کي هڪ نئون آواز بخشيو. هي سنڌ جي روح، تمنائن ۽ اميدن جو ترجمان آهي. هن جو نصب العين خدا ۽

ٻانهي جي وچ ۾ هڪ تعلق قائم ڪرڻ آهي، شاهہ صاحب جو ڪلام اسلامي قدرن سان ٽمٽار آهي.

دين اسلام ٻن جزن تي مشتمل آهي، هڪ عقيدو ۽ ٻي شريعت، عقيدو دين جو نظرياتي ۽ قلبي پهلو آهي جڏهن تہ شريعت دين جو عملي پهلو آهي. شريعت ۾ عبادتون، معاملا ۽ اخلاق شامل آهن. انهن جو دارومدار اسان جي زندگيءَ جي عملي پهلوءَ سان آهي. اسين پنهنجي عملن ذريعي انهن جو اقرار ڪندا آهيون.

اسلام جي سيني قدرن مان پهريون اهم قدر اهو آهي تہ الله کي هڪ ڪري مڃيو وڃي، هن جي ذات ۾ ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪيو وڃي.

شاهہ صاحب چوي ٿو تہ:

1) تون چئُ الله هيڪڙو، ٻي وائي وساري ڇڏ

2) وحده لاشريڪ لهُ، اي هيڪڙائي حق

توحيد جي اقرار کان پوءِ رسالت جو اقرار ڪرڻ ۽ رسول پاڪﷺ جي اطاعت و پيروي ڪرڻ ايمان جو شرط آهي.

1) تان مڄ محمد ڪارڻي، نرتون منجهان نينهن.

2) تن مڃيو محمد ڪارڻي، قلب ساڻ لسان.

جڏهن خدا تي انسان يقين رکي ٿو، هن جي هيڪڙائي جو اظهار زبان ۽ دل سان ڪري ٿو تڏهن قلب زبان سان اهو اقرار بہ ضروري ٿيو تہ حضرت محمدﷺ خدا جو رسول آهي ۽ رسالت جي بلند مرتبي تي فائز آهي. رسول پاڪﷺ جي ذات، سيرت و اخلاق جي اعتبار کان بلند مرتبي تي آهي، سندن هر عمل انسان لاءِ مشعل راهہ جو درجو رکي ٿو. پاڻ سڳورنﷺ جي زندگي مبارڪ مڪمل طور اخلاق حسنہ جي آئيني دار آهي.

پاڻ سڳورنﷺ جو هر عمل سندن قول مطابق هو. پاڻ انسانن جي هدايت لاءِ جيڪو ڪجھ چيائون، ان جو پهريان عملي طور تي مظاهرو پاڻ ڪيائون پوءِ انسانن کي هدايت ۽ تلقين ڪيائون.

شاهہ صاحب جي سڄي ڄمار شريعت ۽ طريقت جو جامع مثال آهي. روزا، نمازون ۽ فرض ادا ڪرڻ ۽ شريعت جي حڪمن مطابق هلڻ تہ ضروري آهي پر ان سان گڏوگڏ ٻيا بہ قدر آهن جن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي. روحاني فرضن جي ادائگي سان گڏوگڏ مادي فرض بہ ادا ڪيا وڃن، يعني عبادتن سان گڏ معاملات جو خيال رکڻ بہ ضروري آهي.

روزا ۽ نمازون، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻئو فهم، جنهن سان پسجي پرينءُ کي.

نماز ۽ روزي کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي اهڙا صالح عمل آهن جن جو خيال رکڻ ضروري آهي.

**وعدو پاڙڻ:**

وعدو پاڙن بابت قرآن شريف ۽ حديث ۾ بار بار تلقين ڪئي ويئي آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ :

لا دين لمن لا عهد له

ترجمو: جيڪو وعدو نٿو پاڙي ان جو ڪوبہ دين نہ آهي.

جيڪو بہ وعدو ڪجي ان کي پورو ڪجي. جيڪو وعدو ڪري نٿو پاڙي اهو دين اسلام جي روح کان محروم آهي. هڪ سني مسلمان جو اهو شان هرگز نہ آهي تہ هو وعده خلافي ڪري.

شاهہ صاحب وعده جي پورائي بابت هن ريت چوي ٿو تہ:

1) ڪچ ڪمايم ڪوڙ، پڳم عهد الله جا،
پڇرو جو پاپن جو، چوٽيءَ تائين چوڙ،
معلوم اٿيئي مور، ڳوڙها انهيءَ ڳالهہ جو.

2) الست بربڪم قالو بلیٰ، پر اهائي پاري،
ڏسئو ڏيکاري، پرت پريان جو پيچرو.

سر سسئي آبڙيءَ ۾ وعدو پاڙڻ، اقرار ۾ ثابت قدم رهڻ لاءِ شاهہ صاحب هن ريت تلقين ڪئي آهي تہ:

ڀرين تون پاريج، پارڻ پوءِ پنهونءَ تي،
ٻول مَ وساريج، هو جو ڪيئي هوت سين.

**صبر ۽ تحمل:**

اسلامي قدرن مان هڪ قدر ”صبر ۽ تحمل“ آهي. صبر دراصل طاقت ۽ سگهہ جو هڪ اهم ذريعو آهي. اهل الله مشڪلاتن ۽ تڪليفن ۾ هميشہ صبر تي قائم رهندا آهن. حق ۽ سچائيءَ جي وات تي ثابت قدم رهڻ ۽ نيڪيءَ جو رستو اختيار ڪرڻ بہ صبر جي معنيٰ ۾ اچي ٿو.

مذهب اسلام جي تعليم هن ڳالهہ جي تقاضا ڪري ٿي تہ ايمان وارا مشڪلات ۽ تڪليفن ۾ صبر ڪندا آهن.

شاهہ جي رسالي جي سر ”مومل راڻو“ ۾ صبر ۽ شڪر جي هدايت هن ريت ڪيل آهي تہ:

1) خاموشي خبر جي، مومل تي مت،
صبر ڏيو سپت، منهنجي حق ميندرا.

2) سوڍا صبر تنهنجو، بي عقلن عقل،
آهي انگ اصل، ماٺ تنهنجي مينڌرا.

جيڪي صبر ۽ شڪر سان رهن ٿا تنهن جو پرين پاڻ خود انهن وٽ اچي ٿو:

صبر ۽ شڪر ڪي ، هٿ ڪيو مون هاڻ،
پريم اچي پاڻ، پٺيءَ ڪي پڇيج تون.

انسان جي حق ۾ اهو بهتر آهي ته هو صبر ڪري، قرآن پاڪ ۾ صبر بابت هن ريت تلقين ڪئي وئي آهي ته:

ترجمو: ”بيشڪ الله صابرن سان آهي“.
(القرآن، سوره البقره، آيت: 153)

## اڳرائي نه ڪرڻ:

نه صرف صبر ڪرڻ پر ڪاوڙ تي ضابطو رکڻ، اڳرائي نه ڪرڻ، اهي اعليٰ قدر آهن جن جو شاهه صاحب سبق ڏئي ٿو.

هو چوني تون مَ چئو، واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينڪي.

انهيءَ ڏس ۾ سر سهڻيءَ ۾ شاهه صاحب هن ريت اظهار ڪري ٿو:

صبر شاڪرن، آهي اوطاقن ۾،
جي وصل ٿئا وصال سين، سي ذرو ظاهر نه ڪن،
وييت واهڙ ترن، هينئڙا جن هجي وئا.

## عمل:

هن دنيا کي دارالعمل چيو ويو آهي. هن دنيا جي سڄي زندگي عارضي ۽ آخرت جي زندگي ابدي آهي. هيءَ دنيا دراصل هڪ دارالعمل آهي. هتي جيڪو ٻه ٻج پوکيو ويندو ان جو ثمر آخرت ۾ ملندو. ايمان باليوم آخرت جي وسيلي ئي انسان پنهنجي نفس کي قابو ۾ رکي ٿو ڇاڪاڻ تہ هن کي خبر آهي تہ اڄ اگر آئون نفس جي خواهش جي تابع ٿي ويس تہ آخرت ۾ هن جو حساب ڪتاب مون کي ڏيڻو پوندو.

الدنيا مزرعتہ الآخرة

ترجمو: دنيا آخرت جي کيتي آهي.

جيڪو ڪجهہ ٻہ ڪرڻو آهي هن دنيا ۾ ڪريو ۽ اهو ڪم ڪريو جنهن تي آخرت ۾ انسان کي شرمندو نہ ٿيڻو پوي.

سر ڪاپائتي ۾ شاھ صاحب آخرت جي فڪر جي فلسفي کي بيان ڪيو آهي تہ :

ڪتڻ جي ڪانہ ڪرين، ستي ساهيين هڻ،
صباح ايندئي اوچتي، عيد اڱهارن ڳڻ
جت سرتيون ڪنديئي سڻ، ات سڪندينءَ سينگار کي.

آخرت ۾ سرخرو ٿيڻ لاءِ ضروري آهي تہ اڄ ئي اهڙا صالح عمل ڪجن، جيڪي هن جهان ۾ ڪم اچن ۽ جيڪڏهن اڄ اسين غفلت ۾ رهنداسين تہ آخرت ۾ سواءِ پشيمانيءَ جي ڪجهہ ٻہ حاصل نہ ٿيندو.

## اميد :

هن دنيا ۾ زندگي گذاريندي ڪڏهن ٻہ مايوس ۽ نااميد نہ ٿيڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ مايوسي ۽ نااميدي ڪفر ۽ گناھ آهي. مايوسي ۽ نااميدي جو ڪو ٻہ مقام نہ آهي. مايوسي ۽ نااميديءَ ۾ خدا جو سهارو سو سڀ کان وڏو آهي انهيءَ ڪري انسان کي هر وقت خدا جي رحمت جو طلبگار رهڻ گهرجي. بيشڪ مسلمان خدا جي اميد تي يقين رکن ٿا ۽ هر وقت ان جي مدد جا طلبگار رهن ٿا. شاھ صاحب سهڻيءَ جو مثال پيش ڪندي انسانن کي اميد پريو پيغام هن ريت ڏيئي رهيو آهي تہ:

گهڙو ڀڳو تہ گهورئو، آسر مَ لاهيج
لا تقنطوا من الرحمتہ الله، ترهي ان تريج

حبيباڻي هيج، پسين منهن ميهار جو.

دلو ڀڳو يعني وسيلو ويو ته مايوسيءَ ۾ خدا جي ذات تي ڀروسو ڪرڻ گهرجي هن جي ٻاجهه کان ڪڏهن به نا اميد نه ٿيڻ گهرجي، الله تعاليٰ جي ذات جي ٻاجهه ۽ اميد سان ئي انسان سڀ ڪجهه حاصل ڪري سگهي ٿو:

جي ليلائي نه لهين، ته پڻ ليلائيج،
سوڀي ان سهاڳ کي، وري ڀرم ڏيج،
آسر مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهارا گهڻو.

## عجز:

حرص ۽ طمع، غرور ۽ تڪبر اهي سڀ ناپسنديده فعل آهن. انهن فعلن کي خدا به پسند نه ٿو ڪري ۽ معاشري ۾ به نفاق ۽ فساد جو سبب بڻجن ٿا. انسان کي هميشه عفو ۽ درگزر ۽ ميانه وري جي راهه ونڻ گهرجي، شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ذريعي انسان کي سمجهائي ٿو ته گيرب ۽ گاءَ جي ڪابه گنجائش نه آهي. خدا جي در تي نياز ۽ نئڙت عجز ۽ انڪساريءَ وارا انسان قبول ٿيا آهن.

گيرب نه گاءُ، مهاڻيءَ جي من ۾،
نيڻن سين ناز ڪري، ريجهايائين راءَ،
سمون سين ملاءُ، هيرياٰئين حرفت سين.

مهاڻي نوريءَ جي اندر ۾ هٺ ۽ وڏائي نه هئي، هن پنهنجي عجز ۽ نياز سان سمي سردار کي موهي وڌو، اهڙي طرح انسان پنهنجي اندر هٺ ۽ وڏائي نه رکي. عجز ۽ انڪساريءَ سان خدا جي رحمت جو طلبگار رهي.

## مت ڀيد نه ڪرڻ:

حجته الوداع جي موقعي تي خطبه الوداع ۾ حضور اڪرمﷺ فرمايو ته:

اڄ کان پوءِ ڪنهن عربيءَ کي عجميءَ تي ۽ ڪنهن عجميءَ کي عربيءَ تي ڪابه فوقيت نه آهي سواءِ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي.

الله ۽ ان جي رسولﷺ جي فرمان مطابق ڪنهن به انسان کي ذات پات جي ڪري ڪابه فوقيت حاصل نه آهي. مال ۽ دولت يا دنياوي شان ۽ شوڪت تي ڪوبه فرد خدا اڳيان عزت وارو ۽ پرهيزگار نٿو ٿي سگهي، سواءِ تقويٰ جي! اهڙي ريت لاڪيڻو لطيف به هن ڳالهه جي تائيد

ڪندي ٻڌائي ٿو تہ ھتي ڏات ذات تي نہ آھي جيڪو ھن جي اڳيان سر نوائي نئڙت سان حاضري ڏيندو اھوئي قدردان ٿيندو.

ڏات نہ آھي ذات تي، جو وھي سو لھي،
رءَ رونجھاڻيءَ راجيي، ايھين ڪير ڪري،
آريون ابوجھن جون، سپڙ چام سھي،
جو راءِ وٺ رھي، تنھن کي جکي جانکيتا نہ ٿئي.
-
نئون نياپو آيو، راڻي وٽان رات،
لڏيسون لطيف چئي، ڪنان ڏاتر ڏات،
ڪھڙي پڇي ذات، جي آيا سي اگھيا.

خدا جو راضپو ڪنھن بہ ذات تي نہ آھي، جيڪو جوڳ پچائي سوئي ان کي حاصل ڪري سگھي ٿو.

## حرص ۽ ھوس کان پاسو:

انسان جي نفس جي ھر وقت اھا خواھش ھوندي آھي تہ ھو دنيا جي رنگينيءَ ۾ ھن کي ڦاسائي، ظاھري چمڪ دمڪ ڏيکاري حق ۽ صداقت جي رستي تان ھن کي پري ڪري. جيڪي انسان نفس جي خواھشن ۾ ڦاسندا آھن اھي نقصان ۾ رھندا آھن. انھيءَ سلسلي ۾ شاھ صاحب فرمائي ٿو تہ دنيا جي چمڪ دمڪ تي ھرڪي پنھنجي ۽ رب جي وچ ۾ ويڇا پيدا نہ ڪريو. جيڪي انسان نفس جي چوڻ تي ھلن ٿا، تن کي ڏھاڳ جو ڏنب سھڻو ٿو پوي. لالچ، حرص ۽ ھوس چڱا عمل ڪين آھن.

مٽيي متي موھجي، ھاري پاتئي ھس،
تو پانيو مون سان، ھوندا راڳ رھاڻيون رس،
وري ويئي وس، تي آيئي ڏنءُ ڏھاڳ جو.

## ڏک ۽ سک:

تاريخ شاھد آھي تہ تخليقِ انسان کان وٺي اڄ ڏينھن تائين ڪوبہ فرد اھڙو ڪونہ گذريو آھي جيڪو زندگيءَ ۾ رڳو ڏک ڏسي يا رڳو خوشيون ماڻي سگھي. ڪوششون، تڪليفون، اذيتون، ناڪاميون، رنج و غم سان گڏوگڏ سک اطمينان ۽ خوشي بہ ھر انسان کي ملي ٿي، پوءِ

جو نہ ھو بادشاھ ھجي يا گدا، حاڪم ھجي يا غلام، عالم ھجي يا جاھل، مرد ھجي يا عورت، ٻار ھجي يا پوڙھو، ديندار ھجي يا دنيادار، متقي ھجي يا فاسق، زاھد ھجي يا ولي، مطلب تہ ھن اس چانو ڪان ڪو بہ نہ بچيو. پر خدا تعاليٰ جو اھو قانون آھي، جو ھر ڪنھن جي ظرف ۽ ھن جي وس مطابق اھو سڀ ڪجھ ڏئي ٿو.

ڏکن پنيان سک، سگھا ٿيندءِ سسئي،
پير مَ ڇڏج پرينءَ جو، توٽي لڪين لک،
ڏورج پاسي ڏک، تہ پئي ٻاجھ ٻروچ کي.

سچ:

اسلامي قدر انسان کي اھو سيکارين ٿا تہ ھميشہ تعلق اھڙن ماڻھن سان رکجي جيڪي سچ کي سڃاڻين ٿا ۽ سچ جي راھ وٺن ٿا، پر جيڪي سچ کي نہ ٿا سڃاڻين تن کان ڏور رھڻ جي تلقين شاھ صاحب ھن ريت ڪري ٿو تہ:

جي نہ سڃاڻن سچ کي، وانءُ مَ تني وٽ،
امل کي اڌ ڪري، ٻاٽا ھٽندا پٽ،
مھر تني کان مٿ، جي پارکو پارس جا.

اخلاقي قدرن جي تلقين ڪندي شاھ صاحب پنھنجي شاعري جي ھر لفظ جي وسيلي اخلاقي گڻن جي عڪاسي ڪري ٿو. شاھ صاحب انھن قدرن کي پنھنجي ڪلام ۾ اھڙي ريت واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آھي، جو انھن جي جوت سان اسان صحيح واٽ وٺي سگھون ٿا. جيڪي انسان پنھنجي عملي زندگيءَ ۾ انھن قدرن جو خيال نٿا رکن، اھي خدا جي در قبول نٿا ٿين ۽ انھن انسانن جو شمار ناپسنديده انسانن ۾ ٿئي ٿو ۽ آخرت ۾ اھي فقط پشيمان ٿيندا.

سونھن وڃايم سومرا، ميرو منھن ٿئوم،
وڃڻ تت پيوم، جت ھلڻ ناھ حسن ري.

## (ب) ناصحانہ ڪلام:

ڊاڪٽر ھوتچند مولچند گربخشاڻي شاھ صاحب جي ناصحانہ ڪلام بابت تحرير ڪري ٿو تہ:
”شاھ جي ناصحاني شعر جي وڏي ۾ وڏي خوبي ھيءَ آھي، جو مت ۽ نصيحت اھڙي دلپذير طرز ۽ وڻندڙ ٻوليءَ ۾ ڏئي ٿو، جو پڙھندڙن جي دل ۾ ازخود چڀيو وڃي. ناصح کي جيڪڏھن انھن

باريڪ نڪتن جي خبر نہ هوندي، جن جي وسيلي نصيحت جي ناگواري ۽ ڪڙائي دور ٿي وڃي تہ سندس نصيحت قبول پوڻ جي ماڳ موراهين ملامت ۽ نفرت پيدا ڪندي. شاهہ دنيا جو هر هڪ جزو پنهنجي حڪيماڻي اک سان ڏسي ٿو ۽ خسيس شين مان پڻ اخلاقي سبق وٺي ان کي دلچسپ ۽ خوبصورت لباس پهرائي پڙهندڙن کي پيش ڪري ٿو. اخلاقي تعليم جو دامن سندس هٿان هرگز ڇڏايو نٿو وڃي. نصيحت جو دروازو هميشہ کليو پيو آهي ۽ قدم قدم تي نيڪ صلاح جا موتي منظور ٿيا پيا آهن." (1)

پروفيسر شير محمد بلوچ جي لکڻ موجب:

"شاهہ جو ڪلام انسانيت جي اتم ۽ اعليٰ قدرن جي اڏاوت جي جامع رٿابندي آهي. هن ۾ انسان جي سکيا تربيت ۽ رهنمائي جا سمورا گر ۽ گُت ڏسيا ويندا آهن، جن تي عمل ڪندي هو مثالي ۽ معياري ڪردار جو مظاهرو ڪري، وڻائتي ۽ ڳڻائتي زندگي گهاري ٻنهي جهانن ۾ معزز ٿي سگهي ٿو ۽ سربلندي حاصل ڪري سگهي ٿو. شاهہ جو ڪلام اهوئي مول متو ۽ مقصد آهي."

شاهہ صاحب هڪ فطري شاعر آهي، ڪيس ڪلام تي مڪمل ڪمال حاصل آهي. خدا تعاليٰ ڪيس اعليٰ سوچ ۽ فڪر عطا ڪيو هو، پاڻ فڪر جي اعليٰ مرتبي تي فائز هو. شاهہ جي ڪلام جا سيئي سر هڪ لڙيءَ ۾ پوئيل موتين مثل آهن. سندس ڪلام جو هر سُر، هر سو جو هر داستان ۽ هر داستان جو هر بيت، هر بيت جو هر هڪ لفظ پنهنجي اندر نصيحت رکي ٿو. شاهہ جو رسالو غور سان پڙهبو تہ ڪيترائي عقل ۽ ڏاهپ جا موتي هٿ لڳندا. خدا تعاليٰ ڪيس اعليٰ دماغ ۽ شفاف دل عطا ڪيا هئا. هن پنهنجي مشاهدي ۽ زندگيءَ جي تجربن وسيلي جيڪو ڪجهہ بہ ڏٺو ان کي حڪمت سان پويل لفظن ۾ بيان ڪيو.

ڪائنات ۾ انسان جي تخليق جو مقصد مقرر آهي. الله تعاليٰ هن دنيا ۾ انسان جو هڪ ڪردار مقرر ڪيو آهي، ان ڪري انسان کي گهرجي تہ هو ڪڏهن بہ غفلت ۾ نہ رهي چاڪاڻ تہ جيڪو انسان هن دنيا ۾ پنهنجي تخليق جي مقصد کان بي خبر رهيو، اهو هر شيءِ کان غافل ٿيو. جيئن بابا طاهر عريان همداني هڪ هنڌ چوي ٿو تہ:

دلا غافل نہ سبحاني چہ حاصل
مطيع نفس شيطاني چہ حاصل
بود قدر توافزون مز ملايک
تو قدر خود نمي داني چہ حاصل
(بابا طاهر همداني)

اي دل تون پنهنجي رب کان بي پرواهہ آهين، تنهنجو نفس شيطاني وسوسن ڏانهن مائل آهي. نتيجو اهو تہ تون پنهنجو پاڻ کان غافل آهين. انهيءَ ڪري انسان کي گهرجي تہ هو ڪڏهن بہ غفلت ۾ نہ رهن چاڪاڻ تہ سستي يا آرام ڪندي مقصد حيات حاصل ڪري نٿو سگهجي. هن سلسلي ۾ شاهہ صاحب هدايت ڪري ٿو تہ:

غافل! غفلت ڇوڙ، تون ڪيئن آڻاسي اوجهرين،

چپاتا چڙهي وئا، وجي پهتا توڙ،
نيٺين ننڊ اڪوڙ، جم ورن ۾ واڪا ڪرين.
-
اي ڪم ڪميٺين جئن سمهن پير ڊگها ڪري،
لوچين جو نہ لطيف چي، هاري لڏ هوتن،
نندان نياڳن ڪي، اوياﻻ اچن،
سي پنهو ڪوهہ پچن، جي سنجهي رهن سمهي.

اي غفلت ۾ رهڻ وارا غفلت مان بيدار ٿيو. جيڪي انسان غفلت ۾ رهن ٿا سي نياڳا آهن، جيڪي غفلت مان بيدار آهن اهي خاموشيءَ سان وڃي پنهنجي منزل تي رسندا.

ستا اٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي.

انهيءَ ڪري ننڊ ۾ پيل انسان سجاڳ ٿيو، جاڪاڻ تہ هي منزل مقصود ننڊون ڪندي حاصل نٿي ٿئي.

چوندا آهن تہ حرڪت ۾ برڪت آهي. انسان کي مسلسل جدوجهد ۽ ڪوشش ۾ رهڻ گهرجي، جيتري قدر انسان حرڪت ۾ رهندو اوتري قدر هو ڪامياب ٿيندو.

شاهہ صاحب چوي ٿو تہ:

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ، پير نہ لهين پرينءَ جو.

ٿڌ هجي يا گرمي هر حالت ۾ پنهنجو سفر جاري رک. هي وقت ويهڻ جو نہ آهي، ائين نہ ٿئي جو اوندهہ ۾ تون پنهنجي محبوب جي پيرن جا نشان بہ ڳولي نہ سگهين.

انسان ۾ ممڪن ڪوبہ اهڙو اڻ سونهندڙ عمل يا اوگڻ ، مرض يا روڳ ناهي جنهن کي شاهہ ننديو نہ هجي ۽ وري اهڙو گڻ يا وصف ڪونهي جنهن کي اوچتو پيش ڪري توصيف ۽ تشريح نہ ڪئي هوندائين.

هن دنيا جي زندگي وقتي ۽ آخرت جي زندگي دائمي آهي. هن دنيا ۾ انسان پنهنجو هڪ مقرر وقت ڪٽي آيو آهي جيڪو ڪجهہ ڪرڻو آهي هينئر ڪريو، ائين نہ ٿئي جو آئينده جو آسرو ڪندي هي وقت بہ هٿان نڪري وڃي.

هي تان ٿورڙيون، جي تون پورا پسي پلين،
راتيون ٻيون گهڻيون، جي تو ايندين هڪليون.

ھي ٿورڙيون راتيون (ھن دنيا جي وقتي زندگي) ڏسي پلجي نہ وڃ تہ ڪو توکي ھميشہ ھتي رھڻو آھي، ٻيون بہ ڪيتريون راتيون اينديون جيڪي توکي اڪيلي (قبر) ۾ گذارڻيون پونديون، انھيءَ ڪري:

ڪي سمھ ڪي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
اي مانجھاندي جو ماڳ، جو تو ساڻيھ ڀانيئو.

جيڪي انسان ھن دنيا جي حقيقت کان واقف آھن سي ھر وقت بندگي لاءِ سجاڳ يعني غفلت مان بيدار رھن ٿا ۽ خدا تعاليٰ بہ انھن جي دلين تان ڪڻ لاھي ڇڏي ٿو.

جاڳڻ منجھان جس، آھي ادا جن کي
لاھي جو لطيف چئي، مٿان قلب ڪس
ورنھ! ڪجان وس، صبح ساڻ سيد چوي.

ھن دنيا جي زندگي چئين ڏينھن جي زندگي آھي. ھن کان پوءِ سڀ فاني آھي. اتحاد ۾ وڏي برڪت آھي. انسان جيڪڏھن ملي جلي رھي تہ انھن ۾ ميٺ ۽ محبت پيدا ٿئي ٿو. شاھ صاحب انھيءَ جي پيٺ پکين جي ولر سان ڪري ٿو تہ ڪيئن نہ پکين جي پريت، ٻڌي ۽ ايڪو سڪ ساڃاھ جو مثال ڏين ٿا.

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻھنئان ميٺ گھڻو.

شاھ صاحب جي خيال موجب محفلون ۽ ڪچھريون روح کي راحت ڏيڻ جو سامان ھجڻ گھرجن. ائين ڪرڻ سان ھڪٻئي جا ڏک ۽ غم ورھائي سگھجن ٿا. ھمدردي پيار محبت ۽ ڏک ونڊڻ سان غم وسريو وڃن.

ويني جنين وٽ، ڏکندو ڏور ٿئي،
تون تنين سين ڪٽ، اوڏا اڏي پکڙا.

جنھن محفل ۽ ڪچھري ۾ انسانن جي دل آزاري ٿئي ٿي، درد ۽ تڪليفون وسرڻ بدران وڌن ٿيون. شاھ صاحب اھڙين ڪچھرين ۽ محفلن کان پاڻ کي پري رکڻ جي ھدايت ڪري ٿو تہ:

ويني جنين وٽ، ڏکندو ڏاڍو ٿئي،
سا مجلس ئي مٽ، جي حاصل ھوءِ ھزار جي.

ڪوڙ ۽ ڪچ انسان جي ذھنن تي ايتري قدر تہ ڇانئيل آھي، جو اڄ جي ھن دورنگي دنيا ۾ سچ آچڻ وارو لڇي ٿو ٿئي، ھن صورت حال کي ڏسندي شاھ صاحب فرمائي ٿو تہ:

جي نہ سڄاڻين سچ کي، ويھہ مَ تنين وٽ،
اصل کي اڏ ڪري، پاڻان هٽندا پٽ،
وڃي مھر تنين وٽ مٽ، جي پارکو پارس جا.

شاھہ صاحب انسان کي نمي ڪمي رهڻ جي هدايت ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ ڪيني مان ڪجھہ بہ حاصل نہ ٿيٽو آهي.

نمي ڪمي نھار تون، ڏمر وڏو ڏک،
منجھا صبر سک، جي سنوارئا! سمجھين.

نمي ڪمي هلڻ سان ئي ڏک، ڪاوڙ ۽ موجھارا ڏور ٿين ٿا. انھيءَ مان تون صبر جو سبق سک. انھيءَ راھہ تي پختو رهين تہ سچي ساڃاھہ حاصل ڪري سگھين ٿو.

محمد ابراهيم جويي ڪيترو نہ صحيح چيو آهي تہ:

”شاعريءَ جي لاءِ اهو ضروري نہ آهي تہ اها وقت جي واقعن جا تفصيل بيان ڪري يا انھن ڏانھن رڳو ڪو ڪليل اشارو وٺي ڪري. ڪڏھن ڪڏھن ائين نہ ڪرڻ مروج حالتن پٽاندڙ ان لاءِ ضروري ٿي پوندو آهي بلڪ اهو ان جي فنڪاراڻہ ڪمال جو ئي دليل سمجھيو ويندو آهي. وقت جي حقيقتن جو سچو ۽ پورو عڪس ان ۾ ضرور موجود هوندو آهي.“

شاھہ جو ڪلام اسان کي سچائيءَ جو سبق ڏئي ٿو. شاھہ صاحب پنھنجي دور يا ان کان پوءِ جي ماڻھن جي رهنمائي بھتر انداز ۾ ڪئي آهي. هو مختلف واقعن ۽ داستانن جي ڪردارن وسيلي اسان جي رهنمائي ڪري ٿو. جيئن ڪنھن جوڪي جو شڪار نہ ٿيون.

فطرت انسان جي ڪردار تي تمام گھٽي اثرانداز ٿئي ٿي. جن انسانن جي فطرت ۾ چڱائي آهي اهي هميشہ چڱايون ڪندا آهن، جيڪي انسان برائين تي هلندا آهن انھن مان چڱائي جي توقع نٿي ڪري سگھجي، سر سريراڳ ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو تہ:

چڱا ڪن چڱايون، مڻايون مڻن،
جو ور جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.

انسان فنا مان ئي بقا جو درجو حاصل ڪري ٿو. شاھہ صاحب سر مارئي ۾ چوي ٿو تہ:

پاڇاهي نہ پاڙيان، سرتيونٔ سئيءَ ساڻ،
ڏکي اگھاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ،
بيھر ڄاڀي ڄاڻ، ابر جي اوصاف کي.

اي سرتيون مان بادشاهي ڪي بہ سئي جي مٽ نہ ٿي سمجهان، اها ننگن/اگهاڙن ڪي ڪپڙا پهرائي پر پاڻ ڪجهہ نہ ٿي پهري، تون مري وري جيئرو ٿي ۽ سئي جي گڻن ڪي پروڙ.

شاھ صاحب انسان ڪي توڪل ۽ ڀروسو ڪرڻ جي نصيحت ڪري ٿو. انسان ڪي هميشہ خدا جي توڪل تي ڀروسو رکڻ گهرجي. پنهنجا سڀ ڪم ڪار ڌڻيءَ جي سپرد ڪرڻ گهرجن. خدا جي توڪل سان سڀ ڪم ڪار راس ٿين ٿا.

سيئي سبحان جي، ڪر حوالي ڪم،
ٿي تحقيق تسليم ۾، لاهي غم وهم،
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج تو.

مٿئين بيت ۾ شاھ صاحب مڪمل طور تي خدا تي توڪل رکڻ جي هدايت ڪئي آهي.

هن نفسانفسي جي عالم ۾ بيروني خطرن سان گڏو گڏ انسان اندر موجود نفس بہ هن ڪي تباھ برباد ڪري رهيو آهي. دنيا جي لوڀ لالچ هن جي دل تي ڪٽ جا تهہ جمائي ڇڏيا آهن. اهڙي موقعي لاءِ ئي شاھ صاحب فرمائي ٿو تہ:

آدمين اخلاص، مٿائي مانو ڪيو،
هاڻ ڪائي سيڪو، سندو ماڙهوءَ ماس،
دلبر هن دنيا ۾، وڃي رهندو واس،
ٻيو سڀ لوڪ لباس، ڪو هڪدل هوندو هيڪڙو.

دنيا جي لوڀ لالچ هاڻ ماڻهن جي دلين مان سچائي ختم ڪري ڇڏي آهي. هينئر وقت اهڙو آهي جو ماڻهو هڪٻئي جو ماس ڪائي رهيو آهي. اهڙي عالم ۾ نيڪي ۽ سچائي وارو ڪو ماڻهو مشڪل سان ئي ليندو. ان ڪري اهڙي نيڪ ۽ سچي انسان جي تلاش ۾ رهي ڪري، دنيا جي ظاهري ڏيک ويک ۽ ڪوڙن انسانن کان پاڻ ڪي بچائيندو رهج.

شاھ صاحب سر يمن ڪلياڻ ۾ هدايت ڪري ٿو تہ:

اڻ چوندن م چئو، چوندن چيو وسار،
انئي پهر ادب سين، پر اهائي پار،
پايو منهن مونن ۾، غربت ساڻ گذار.

جيڪي توکي ڪجهہ بہ نٿا چون تن کي تون ڪجهہ بہ نہ چئو ۽ جيڪي توکي چون ٿا انهن جو چيو وسار. هميشہ اهائي روش اختيار ڪري انهيءَ عجز و انڪساري کي مدنظر رکندي، مسڪيني ۾ پنهنجي سڄي جمار گذار.

ڪنهن بہ انسان کي هن جي صورت يعني شڪل سان سڃاڻڻ نہ گهرجي بلڪ هن جي سيرت بہ ڏسڻ گهرجي. ضروري نہ آهي تہ جيڪي انسان صورت جا سنا آهن انهن جي سيرت بہ سني هجي. ان ڏس ۾ شاهہ صاحب چوي ٿو تہ:

صورت گهڻو سهڻا، ٽاٽا سندن ٿوهہ،
ريلو ڏئي روح، جو ڪائي سو ڪامي مري.

شاهہ صاحب نصيحت ڪندي سر بروو سنڌيءَ ۾ چوي ٿو تہ، جيڪي ماڻهو شڪل ۽ صورت جا سهڻا ۾ من موهيندڙ آهن پر انهن جي سيرت يعني لڇڻ اهڙا اگرا آهن جيئن ٿوهہ جو ذائقو، اگر ڪنهن بہ شخص انهن جي صحبت اختيار ڪئي تہ اهو جلي خاڪ ٿي ويندو يعني هن جي ڪردار تي ان جو برو اثر پوندو. ان ڪري اهڙن ماڻهن جي صحبت اختيار ڪريو، جن جي دوستيءَ ۾ ويهي ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور حاصل ٿئي.

انسان جي هر عمل جو دارو مدار ان جي نيت تي آهي. حديث شريف ۾ بہ آهي تہ:

انما الاعمال باالنيات

ترجمو: هر عمل جو دارومدار نيت تي آهي.

جن انسانن پنهنجي نيت ۾ بي ايماني رکي آهي، انهن متعلق شاهہ صاحب جو چوڻ آهي تہ:

چاوت پائي چت ۾، سنهوڪتيو جن،
تن جو صرافن، ڏڪو داخل نہ ڪيو.

جن انسانن پنهنجي من اندر بي ايماني رکي پنهنجو ڪم ڪار ڪيو تن جو ذرو بہ نتو اگهامي، پر جن انسانن چڱي نيت سان ۽ دل ۾ محبت رکي ڪم ڪيو تن جو ذڪر شاهہ صاحب هن بيت ۾ اهڙي ريت ڪيو آهي تہ:

محبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهائيو.

اهڙي ريت شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ دين ۽ دنيا ۾ سرخرو ٿيڻ لاءِ اعليٰ قدر بيان ڪيا آهن ۽ پنهنجي ناصحانہ ڪلام ۾ انهن کي چٽو ڪيو آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هو قوم جي رهبري ۽ رهنمائي ڪرڻ آيو هو.

## حوالا:


1. Muhammad Ahmed, “Islamic Values underlined in Shah Abdul Latif Poetry”, Bhit Shah Culture, 1967, P: 22
2. ڊاڪٽر خليفه عبدالحڪيم، ”اسلام ڪا نظريه حيات“، ص: 256
3. ساڳيو، اداره ثقافت اسلاميه ڪلب روڊ لاھور، ص: 206
4. الحاج مولوي فيروزالدين-مرتب، فيروزاللغات (اردو جامع)، فيروز اينڊ سنز لاھور، 1977ع، ص: 76
5. الحاج مولوي فيروزالدين-مرتب، اردو انسائيڪلوپيڊيا (حصو پهريون)، فيروز اينڊ سنز لاھور، 1977ع، ص: 77
6. علامه سيد سليمان ندوي، ”سيرت النبي “ (جلد ڇهون)، ديني قطب خانو لاھور، 1975ع، ص: 15
7. خورشيد احمد، ”اسلامي نظريه حيات“، شعبو تصنيف و تاليف و ترجمو ڪراچي يونيورسٽي، 1982ع، ص: 339
8. ساڳيو، ص: 339


نوٽ: ھي مقالو ڊاڪٽر انيس فاطمه سومرو (مرحومه) جي پي.ايڇ.ڊي. ٿيسز مان ڪنيل آھي، جيڪا شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران 2006ع ۾ ”شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دور ۾ سنڌ جون مذھبي ۽ علمي حالتون“ جي عنوان سان شايع ٿي چڪي آھي.